SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1990

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1990

# ڪينال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1990

# THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ORDINANCE, 1990

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1873 جي ايڪٽ VIII جي روهڙي ڪينال ايراضين تائين واڌارو

Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas

3. 1879 جي سنڌ ايڪٽ VII جو لاڳو نه ٿيڻ

Sindh Act of 1879 not to apply

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1990

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1990

# ڪينال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1990

# THE CANAL AND DRAINAGE (EXTENSION TO ROHRI CANAL AREA) ORDINANCE, 1990

[25 جولائي، 1990]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي 1873 جي ڪينال ۽ ڊرينج ايڪٽ ۾ واڌارو ڪيو ويندو تہ جيئن روهڙي ڪينال جي ڪجھ آبپاشي واري ايراضين تي لاڳو ڪري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ 1873 جي ڪينال ۽ ڊرينج ايڪٽ ۾ واڌارو ڪيو ويندو تہ جيئن روهڙي ڪينال جي ڪجھ آبپاشي وارين ايراضين تي ان کي لاڳو ڪري سگهجي؛

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نہ رهيو آهي ۽

سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ جيئن موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تنهنڪري هاڻي، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي گورنر سنڌ هيٺ ڄاڻايل آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪينال ۽ ڊرينيج (روهڙي ڪينال ايراضي جو واڌارو) آرڊيننس، 1990 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور تي پهرين اپريل 1990 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1873 جي ايڪٽ VIII جي روهڙي ڪينال ايراضين تائين واڌارو
Extension of Act VIII of 1873 to Rohri Canal areas

2. جيئن تہ هن آرڊيننس جي شروعات کان وٺي، ڪينال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 روهڙي ڪينال جي ذريعي تعلقي ٽنڊو ڄام ضلعي سانگهڙ جي آبپاشي هيٺ ايراضي تي لاڳو ٿيندو.

1879 جي سنڌ ايڪٽ VII جو لاڳو نہ ٿيڻ
Sindh Act of 1879 not to apply

3. جيستائين هيءُ آرڊيننس لاڳو رهندو، سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 جي اهڙين ايراضين تي لاڳو نہ ٿيندو جن تي ڪينال ۽ ڊرينيج ايڪٽ، 1873 لاڳو ٿئي ٿو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**